# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 1973
# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1973
# اولهه پاڪستان هاءِ ويز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973
# THE WEST PAKISTAN HIGHWAYS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1973
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1959 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXII جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance XXXII of 1959

3. 1959 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXII جي دفعه 8 جي ترميم

Amendment of Section 8 of West Pakistan Ordinance XXXII of 1959

4. 1959 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXII ۾ دفعه 22_A جي شموليت

Insertion of Section 22_A in West Pakistan Ordinance XXXII of 1959

5. 1959 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXII جي دفعه 24 جو نعم البدل

Substitution of Section 24 of West Pakistan Ordinance XXXII of 1959

6. 1959 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXII جي دفعه 25 جي ترميم

Amendment of Section 25 of West Pakistan Ordinance XXXII of 1959

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 1973
# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1973
# اولهه پاڪستان هاءِ ويز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973
# THE WEST PAKISTAN HIGHWAYS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1973

[6 مارچ 1973]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان هاءِ ويز آرڊيننس، 1959 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان هاءِ ويز آرڊيننس، 1959 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

تمهيد (Preamble)

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهه پاڪستان هاءِ ويز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1959 جي اولهه

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان هاءِ ويز

پاڪستان آرڊيننس XXXII جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance XXXII of 1959

آرڊيننس، 1959 ۾ جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾ شق (d) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

“(dd) ‘سپر هاءِ وي’ مطلب اهڙيءَ ريت ڄاڻايل ۽ ڪراچي ۽ حيدرآباد وچ ۾ وايا ٻهرام ڳوٺ کان 8 ميل کان 97 ميل تائين هاءِ وي؛”.

1959 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XXXII جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of West Pakistan Ordinance XXXII of 1959

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ شق (b) لاءِ هيٺين شق متبادل ڏيندي:

“(b) ڪا مستقل يا عارضي تعمير ڪرڻ:

(i) هاءِ وي جي وچ کان بہ سئو ويهہ فٽ؛ ۽

(ii) سپر هاءِ وي جي وچ کان ساڄي پاسي چار سئو ۽ پنجاهہ فٽ ۽ کاٻي پاسي بہ سئو ويهہ فٽ.”.

1959 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XXXII ۾ دفعہ 22_A جي شموليت
Insertion of Section 22_A in West Pakistan Ordinance

4. ڄاڻايل آرڊيننس ۾ دفعہ 22 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

XXXII of 1959

كجھ عمل كرڻ تي پابندي

Ban on commission of certain acts

“22_A. كو بہ ماڻھو كو قدم نہ كڻندو (بشمول آباد پوكيءَ هيٺ زمين مان پاڻي نيكال كرڻ جي يا گاڏين مان ڊيزل آئل، موبل آئل يا ٻيو لبريكيٽنگ آئل هارڻ جي) هاڻ وي تي، جيكو نقصان پهچائي يا روڊ كي نقصان پهچائي سگهي ٿو حالت خراب كري، متاثرو وجائي، ڊانبريا ان جي كنهن بہ تعمير كي نقصان پهچائي، جيكو هاءِ وي تي هلندڙ ٽرئفك ۾ ركاوٽ وجهي يا ركاوٽ وجهي سگهي ٿو ۽ كو بہ شخص هاءِ وي اختياري كان اجازت كانسواءِ هاءِ وي سان يا ان جي حد ۾ وڻن كي نقصان رسائي يا واڍي كري نٿو سگهي.”

1959 جي اولهہ پاكستان آرڊيننس XXXII جي دفعہ 24 جي تبديلي

Substitution of Section 24 of West Pakistan Ordinance XXXII of 1959

5. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 24 لاءِ هيٺين دفعہ متبادل ٿيندي:

موبائيل عدالتن جي جوڙجك ۽ ڏوهن جو تدارك ۽ ٻڌڻي

Constitution of Mobile Courts, and cognizance

“24. (1) حكومت اسپيشل ماجسٽريٽ جون موبائيل عدالتون جوڙي سگهي ٿي، جن كي مخصوص هاءِ وي يا ان جي حصي تائين دائره اختيار هوندو ۽ هن آرڊيننس تحت كنهن ڏوهہ جو ازالو كنديون يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن تي فقط اهڙيون عدالتون پاڻمرادو نوٽيس وٺنديون يا كيل شكايتن

and trial of offences

تي قدم کڻنديون.

(2) سواءِ ان جي تہ موبائيل ڪورٽ ضروري سمجهي تہ ڪو ڏوهہ ٻڌڻي لائق آهي ان ڪانسواءِ هن آرڊيننس يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن تحت ٻيا سمورا ڏوهہ ساڳيءَ ريت ٻڌڻي لائق هوندا.

(3) هن آرڊيننس تحت ڏوهن کان بچاءَ ۽ موقعي تي ڏوهن کي حل ڪرڻ لاءِ موبائيل ڪورٽ پنهنجي دائره اختيار ۾ هاءِ وي تي گشت ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.".

1959 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XXXII جي دفعہ 25 جي ترميم
Amendment of Section 25 of West Pakistan Ordinance XXXII of 1959

6. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 25 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:

(i) لفظن "هڪ سئو رپيا" لاءِ لفظ "هڪ هزار رپيا" متبادل ٿيندا؛ ۽

(ii) لفظن "ڏنڊ جيڪو ٻہ سئو رپين تائين وڌي سگهي ٿو" لاءِ لفظ "قيد جي سزا جنهن جي مدت ڇهہ مهينن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو ٽي هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ" متبادل ٿيندا.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**